1. ڊاڪٽر فياض لطيف

# شيخ اياز جي خَطن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

## Research and critical Study of Shaikh Ayazs' Letters


### *Abstract:*

*Letter is a direct or personal written or printed message addressed to a common person, fellow, and friend or loved one.Letters can be formal or informal but both played a vital role in communication as well as in developing relationships.  A literary letter is a form of writing written by one person to another to share day to day affairs, emotions and inner being in a very impressive way. These kinds of letters have great importance in literature. ShaikhAyaz not only is known as a great modern sindhi and urdu poet but he has an inordinate command on prose. He has written a lot in prose, especially his literary and romantic letters, "Punhal khan poe"and "je kakkakooria kaapri" are worth written and master pieces of Sindhi Language and Literature. In this research article it has been tried to discuss different aspects of letters'of sheikh Ayaz. Like: theme, content, diction, thought, language and specially its impacts on sindhi literature is discoursed in detail.*


شيخ اياز هڪ اهڙو سگهارو سِرجڻهار هو، جنهن کي هڪ ئي وقت نثر توڙي نظم تي وڏي دسترس حاصل هئي. هُن جو نظم تہ مُورَ جي پَرنِ جهڙو پيارو ۽ حسين آهي، پر سندس نثر جو اسلوب ۽ انداز پڻ نِرمل ۽ نرالو آهي.اياز جي نثر جو اهو اسلوب ۽ انداز ئي آهي، جيڪو کيس ٻين سنڌي نثر نگارن کان مختلف ۽ منفرد بڻائي ٿو.هُن جي نثر ۾ پنهنجو هڳاءُ ۽ حُسن آهي، پنهنجي انفراديت، نج نبار سادگي ۽ سُندرتا آهي ۽ اُهي گڻ ئي کيس سنڌي ادب خاص ڪري جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اعليٰ مقام عطا ڪن ٿا.

"انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايتري ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبوءِ. هر عظيم فنڪار پنهنجي ڪائنات جو جوڙيندڙ هوندو آهي. هر عظيم قلمڪار جي سِٽَ ڏسي، يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اها خوشبوءِ فقط هُن جي روح جي ٿي سگهي ٿي"(1).

مٿين راءِ جي روشنيءَ ۾ اياز جي تخليقن جي پرک ڪبي تہ، هُو نہ رڳو پنهنجي هر تحرير ۽ تخليق ۾ انفراديت ۽ جدت پسند تخليقڪار نظر ايندو پر هُن جي اظهار جو اسلوب ۽ انداز بہ گلاب جي گل جي سُڳنڌ وانگر نرالو محسوس ٿيندو.شيخ اياز جي نثر ۾ نشو آهي، کيپ ۽ خمار آهن، تخليقي حُسناڪي، ترنم ۽ فڪري گهرائي آهي. هُن جي تحريرن کي

---

1. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو سنڌي، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو

جنهن بہ هڪ پيرو پڙهيو آهي، اهو سندس اظهار جي جادو فني حُسن ۽ فڪري نُدرتن جي سحر ۾قابو ٿي ويو آهي. هُن جون تخليقون، شعور ۽ سُرت کي سگهہ ۽ سجاڳي بہ آڇن ٿيون تہ، بي قراري ۽ بي چيني بہ بخشين ٿيون. بلاشبہ اياز جي قلم ۾ اها ڪرشماتي قوت آهي، جنهن سان هُو بي جان لفظن ۾ روح بيدار ڪري ڇڏي ٿو.

شيخ اياز جي شاعري ۽ نثر ٻنهي ۾ڪمال جي جاذبيت، جدت ۽ تخليقي تازگي محسوس ٿئي ٿي. هُن جي تحريرن ۾اهو جذبو ۽ فڪري شعورموجود آهي، جنهن نہ رڳو ڪيترين دلين کي ڌڙڪائي ۽ ڦڙڪائي جوالا بڻايو آهي، پر ڪيترن ئي 'ڪُند ذهنن' تان ڪَٽُ لاهي، انهن ۾ حِس ۽ حُسناڪيءَ جي جوت پڻ جَرڪائي آهي."هُن نثر ۽ شاعريءَ جون حدون پاڻ ۾ ان ريت ملائي ڇڏيون آهن، جو سندس نثر پڙهندي بہ ائين پيو لڳندو ڄڻ اهڙي شاعري پڙهندا هجون، جا وزن جي محتاج ئي ناهي"(2).

اياز سنڌي ادب کي پنهنجي شعري ذخيري سان تہ مالا مال ڪيو آهي، پر هُن جو نثري خزانو پڻ اهم آهي، جنهن ۾ هُن جون ڪهاڻيون، خطَ، انٽرويو تقريرون، جيل ڊائري، ساروڻيون، مُهاڳَ، آتم ڪٿا پنج جُلد ۽ ٻيو ڪيترو ئي متفرقہ نثري مواد شامل آهي. هُن جي آکرين ۾ سچ تہ جادو هو. هُن جنهن بہ صنف کي ڇُهيوِ اُن کي مثالي ۽ منفرد بڻائي ڇڏيو آهي.

خاص طور تي هُن جا خطَ، ٻوليءَ جي خوبصورتي، احساسن جي اظهار خيال جي گهرائي، مشاهدي جي وسعت، مطالعي جي جَجهائي، تاريخ، ثقافت، تهذيب، ڪلچر ۽ ڌرتيءَ سان بي مثال عشق، ادبي لطافت، اسلوب ۽ انداز جي دل فريبي، منظرڪشي، ڪردار نگاري، تخيل، اظهارِ بيان، زندگيءَ جي تلخين ۽ حُسناڪين کي ڪَرائي ۽ اثرائتي انداز سان پيش ڪرڻ جي لحاظ کان انتهائي اهم ۽ ڪارائتا آهن.هُن جي خطن جي موضوعاتي ورڇ ڪبي تہ اُهي ٽِلهي ليکي ٽن قسمن جا آهن. 1. عام ۽ رواجي خطَ 2. ذاتي ۽ عشقيہ خطَ 3. علمي ۽ ادبي خطَ

## اياز جا عام ۽ روايتي خطَ:

خطَ جي هڪ خوبي، اُن جو عامي ۽ رواجي هجڻ بہ آهي. توڙي جو ادبي خطَ جي ڀيٽ ۾ ان جي حيثيت ۽ وقعت محدود ۽ ايتري پائدار نہ آهي، اهو گهڻي قدر سانڍجي ۽ سانيجي نہ ٿو پر پوءِ بہ ان جي پنهنجي هڪ انفراديت ۽ افاديت آهي، ڇو تہ انهن خطن ذريعي ماڻهو نہ رڳو هڪ ٻئي جي حال احوال کان واقف ٿئي ٿو پر زندگيءَ جي عام ۽ رواجي ڪمن ڪارين، ڪارِ وَهنوار ۽ دنياداريءَ جي معاملن ۽ مسئلن کي پنهنجن هم خيال دوستن ۽ عزيزن سان وَنڊي وِرهائي، انسان داخلي طرح هڪ عجيب تسلي ۽ تشفي محسوس ڪري ٿو.سنڌيءَ ۾ اهڙي قسم جي ڪيترن ئي خطن کي سانڍي، ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ڪيو ويو آهي.

شيخ اياز جي خطن جو تعداد تہ تمام گهڻو آهي، پر هُن جا هِن وقت تائين جيڪي خطَ هٿ ٿي سگهيا ۽ منظرِ عام تي اچي چُڪا آهن، اهي ساڍا چار سوَ کن آهن. اُهي خطَ هُن مختلف وقتن تي، پنهنجن دوستن، احبابن، گهڻگهرن ۽ محبوب ماڻهن ڏانهن لکيا آهن. اياز جيئن تہ سنڌ جو هڪ مهان شاعر ۽ صاحبِ اسلوب نثر نگار آهي، انهيءَ ڪري سندس

گهڻائي اهڙن خطن جي آهي، جن ۾ ادبي لطافت ۽ تخليقي حُسناڪي ملي ٿي. اُن حوالي سان اياز جو هڪ قريبي دوست شيام ڪمار لکي ٿو : "اياز جي شاعريءَ جيان سندس خطَ به موتين ۽ هيرن جيئن قيمتي ۽ چِلڪڻا آهن. انهن کي پڙهڻ بعد ائين محسوس ٿئي ٿو چڻ ماٽهو مصر جي رنگين، پُر اسرار ۽ چِٽيل احرامن ۾ لهي ويو هجي! انهن مان عجب، پُروقار سونهن ۽ سُڳنڌ ڇٽي ايندي هجي."(3).پر سندس ڪجھ خطَ اهڙا پڻ آهن، جيڪي رسمي حال احوال، رواجي ڳالهين ۽ دنيا جي ڪاروَهنوار جي سلسلي ۾، هُن پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کي لِکيا آهن.

اياز جا پنهنجن دوستن مان، سڀ کان وڌيڪ خطَ محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل آهن، جن جو تعداد لڳ ڀڳ 104 آهي.انهن خطن ۾ اڪثريت ادبي ۽ علمي خطن جي آهي، پر ڪجھ رسمي ۽ عام رواجي خطَ پڻ آهن. جن ۾ هنن ٻنهي جي ٻي تڪلفي ۽ هڪ ٻئي سان قرابت جي احساس سان گڏ ڪجھ اهڙين ڳالهين جي سُڌ پڻ پوي ٿي، جنهن جي هوند هنن خطن کان علاوه ڪنهن ٻي ذريعي سان خبر پوڻ مشڪل آهي. هُو پنهنجا ڪتاب ڪيئن ڇَپائيندا هئا ۽ انهن بابت ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي ڪيترا نه سنجيده ۽ پريشان هوندا هئا، اُن جي هڪ جھلڪ اياز جي محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل هن خطَ جي مختصر سِٽن ۾ پَسي سگهجي ٿي.

"پيارا ابراهيم! ڪاغذ جي بِلٽي ڇڏائي وٺي. خبر نه آهي ته ڪپڙي جي بِلٽي اچا چو نه پهتي آهي. مهرباني ڪري ڊيلر کان پُڇا ڪندا. زياده سپاٽي فرصت سان ويهي لکندوسانءِ"(4).

اڳين خطَ ۾ اياز جويي صاحب کي وڌيڪ هن ريت لکي ٿو: "ادا ابراهيم! اميد ته اوهان کي منهنجو خط ۽ مَني آرڊر پهتو هوندو. مهرباني ڪري ڪپڙو جلدي وٺي موڪليندا. جو ڪتاب جو سارو ڪم انهيءَ ڪري رُڪيل آهي. مان هتي لا ڪاليج ۾ English Constitution پڙهائيندو آهيان. جي اُن موضوع سان تعلق رکندڙ ڪتاب بازار ۾ ملن ته وٺي موڪليندا. ٻيو ته منهنجو ڪتابن جو اِسٽاڪ کُٽي ويو آهي. ان ڪري ٿامس اينڊ ٿامس وٽان ڪجھ نوان آيل ڪتاب وي.پي ڪرائيندا. ۽ جي وي.پي نه ڪري ته. اوهان کي پئسا موڪليان ته ٽيسٽ مطابق وٺي موڪليندا. آءٌ ڪتابن کان سواءِ هتي اڪيلائي ٿو محسوس ڪريان"(5).

هنن خطن ۾ ٻنهي جون هڪ ٻئي سان ڪيل ڳالهيون توڙي جو عام ۽ رواجي آهن، پر انهن مان ٻنهي عالمن جي نجي زندگي ۽ هڪ ٻئي سان گهري تعلق جي چِٽي تصوير نظر اچي ٿي.محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز جو اهڙو هم خيال ۽ دلبر دوست هو جنهن سان هُن جي فڪري هم آهنگيءَ کان علاوه وڏي روحاني اُنسيت هئي. سچ ته جويي سان هُن جو دنيا کان وڌيڪ دلي سڱ ۽ سياپو هو. تڏهن ئي ته بيماري ۾ به، هُن جي صحبت مان ڪيس نه رڳو ذهني سڪون ۽ روحاني آنند محسوس ٿئي ٿو پر هو هر حال ۾، هن دوست جي صلاح ۽ مشوري کي پنهنجي لاءِ اهم ۽ ڪارائتو سمجهي ٿو تڏهن ئي ته ڪيس لکي ٿو:

"پيارا ابراهيم! اوهين به ڏينهن هتي هُيا ۽ مسلسل گفتگوءَ دوران ڪافي سڪون

محسوس ٿيو هو. هاڻي بہ جڏهن اچو تہ مون وٽ ضرور اچجو. امید تہ فیروز اوهان کي ’ڪٽي نہ پيجبو ٽڪ مسافر‘ ڏنو هوندو. اهو ڪتاب مون بيماريءَ جي عرصي ۾ لکيو هو. پتو نہ آهي تہ، اوهان تي ڪهڙو تاثر ڇڏيندو. اميد تہ اوهان واعدي ڪيل انگريزي ڪتاب، ‘How to die’ جي فوٽو ڪاپي بہ کڻي ايندا”(6).

عمر جي آخري ڏينهن ۾، شايد ڪجھ ذاتي ۽ فڪري سببن ڪري جويو صاحب بہ اياز کان گهڻي حد تائين مُنهن موڙي ويو ۽ اياز اڪيلو تنهائي، بيماري ۽ بي وفائيءَ جي حالتن سان جهيڙيندو رهيو. اُن ڳالهين جا اياز جي خطن ۾ چِٽا اشارا ملن ٿا.اياز جا پيا ڪجھ اهڙا خطَ، سائين جي. ايم. سيد، نياز همايوني، نفيس احمد ناشاد، نصير مرزا، اياز گل، ادل سومري، ڊاڪٽر انو فگار هَڪڙي، ساپيان سانگي، قاضي منظر ۽ موسيٰ پٽي ڏانهن پڻ لکيل آهن.جن ۾ روزمره جون عام، ذاتي خيرعافيت، سماجي ڪاروهنوار ۽ زندگي سان لاڳاپيل پيون ڪيئي رسمي ۽ رواجي ڳالهيون ٿيل آهن، جيڪي بظاهر تہ ساديون ۽ عام آهن، پر اُنهن ۾ وڏي گهرائي ۽ معنويت سان گڏوگڏ اُهي هڪ دور جي تاريخ پڻ آهن.

زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾، اياز ڪهڙين ذهني، فڪري ۽ روحاني بي چينن مان گذري رهيو هو. هُو ڪيئن ڪراچي جي مهاساگر جهڙي شهر ۾، (جنهن ۾ سندس چواڻي،سمنڊ کان سواءِ ڪو دوست، ساٿي ۽ همراز نہ هو) اڪيلو ۽ اداس جِي رهيو هو. ڪيئن پنهنجن دوستن ۽ سڄڻن کي ساري هنجون هاري رهيو هو. اُنهن تنهائي ۽ افسردگيءَ جي ڏينهن ۽ راتين ۾، پرنس ڪامپليڪس جي فليٽ ۾ مُقيد، هي سنڌي شاعريءَ جو شهزادو شاعر، پنهنجن جي بي رُخين ۽ ديس واسين جي بي قدرائين جو، جنهن ڪرب ۽ درد سان شڪوه شڪايتون ڪري ٿو ان جو اندازو قاضي منظر حيات ڏانهن لکيل سندس خطن مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.

هو قاضي منظر کي هڪ خط ۾ لکي ٿو: “مَنُ ڏاڍو مُنجهي پيو آهي. ڪراچي ڪائڻ ٿي اچي. دوست سڀ بي سبب مُنهن موڙي ويا آهن. صحت هاڻي ڪجھ چڱي ٿي آهي، نہ تہ وچ ۾ ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي هئي....هن بي قدري سنڌ جي ڪهڙي شڪايت ڪجي، جي مان فقط ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪيان ها تہ، هن وقت مون کي پنج ڇھ ڪروڙ ۽ پيون سهولتون هجن ها. هاڻي تہ لفٽ خراب پئي ٿئي تہ، پندرنهن پندرنهن ڏينهن لهي نہ ٿو سگهان. گرمي گهڻجي تہ ڏيئن وٽ هليو وڃان، انهن جي ٻارن سان دل بهلجي ويندي. چڱو جو خدا جي وجود ۾ پڪو ويساھ ٿي ويو آهي، اهو ئي هن تنهائيءَ ۾ پرجهلو آهي، نہ تہ ڪيترو وقت اڳي منهنجو من ڊهي پوي ها”(7).

خط آهي يا لفافي ۾ ويڙهيل لُڙڪ آهن، جيڪي نہ رڳو پڙهي کي آلو ڪري ڇڏين ٿا، پر پڙهندڙ جو دامن پڻ پُسائي ڇڏين ٿا، ۽ هر سِٽَ پڙهڻ کان پوءِ هڪ سُڏڪو ڳلي ۾ نوڪدار ڪَنڊي وانگر اَٽڪي پوي ٿو. هُن جنهن، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين کي، سڄي حياتيءَ گلن جهڙا گيت ڏنا، انهن جي ڏکن سُکن ۾ ساٿي ٿي رهيو. انهن جي حقن ۽ آزاد جياپي لاءِ آمريتن ۽ طاقتور ڌرين سان جهيڙيندو رهيو. اُن کي آخر ۾ يسوع وانگي تنهائيءَ جي ٿياس تي ٽنگي پنهنجن ئي ماڻهن طرفان مصلوب ڪيو ويندو اهو ڪيڏو نہ پيڙائيندڙ احساس آهي!

يقيناً هنن خطن ۾ نهايت ئي سادي، سڌي ۽ سليس پيرايي ۾ مقصد ۽ مطلب جي ڳالهه ڪيل آهي، جنهن جي ڪا ايڏي وڏي علمي ۽ ادبي افاديت نه به هجي، پر بلاشبہ اُنهن جي فڪري، نظرياتي، سماجي ۽ تاريخي طرح وڏي اهميت ۽ حيثيت آهي، ڇو ته اُهي خط ڪيترن ئي حوالن سان اياز جي زندگيءَ جي مختلف رُخن تي نه رڳو جوڳي روشني وجهن ٿا، پر هن تاريخ ساز شخصيت ۽ مهان سرجڻهار جي جيون سفر جي مختلف لاهن، چاڙهن، داخلي ڪيفيتن، سماجي حقيقتن، نظرياتي لاڙن ۽ فڪري تبديلين کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ ۾ پڻ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

## اياز جا ذاتي ۽ عشقيه خط:

شيخ اياز وٽ عشق سدائين آرائينءَ جيئڻ جهول پري آيو آهي. هي سنڌ ۾ شايد اهو خوشنصيب شاعر ۽ قلمڪار آهي، جنهن جي پرورش پيار ڪئي آهي، جنهن کي ٽوڙيو ۽ جوڙيو به پيار ئي آهي ۽ پيار ئي سندس تخليقن جو وڏو محرڪ به آهي، ته محور ۽ مرڪز به. هُن کي عشق ننڍي عمر ۾ ئي راحتن جا رنگ پَسايا. تڏهن ئي ته چوي ٿو: "محبت کان وڌيڪ ڪوئي شراب ناياب نه آهي. خدا جي هن گوناگون دنيا ۾ عورت رنگين ترين گل ۽ شيرين ترين چشمو آهي... مون وٽ عشق سانوڻ جي مينهن وانگر آيو آهي ۽ ولهار وَسائي ڇڏيا اٿائين. هر پيري آسمان مون تي گلن جي ورڪا ڪئي آهي. عشق مون وٽ رُڃَ ۾ هرڻ وانگر نه آيو آهي، پر گهنگهور گهٽا ۾ مور تي آيو آهي. قيدِ حيات ۽ بند غم مان نجات ٿي آيو آهي"(8).

هونءَ ته اياز جون سموريون تحريرون ۽ تخليقون سندس عشق جو دلفريب داستان آهن، پر خاص ڪري هُن جا پنهنجن پريمڪائن ڏانهن لکيل پريم پَتر انتهائي اهم آهن، جن ۾ هُن جون محبتون ۽ ڪيفيتون سمنڊ وانگر موجزن محسوس ٿين ٿيون. اياز انهن خطن ۾ پنهنجن محبوبائن سان جنهن بي تڪلفي، والهانه پيار ۽ بي ساخته دلي اُڌمن ۽ امنگن جو اظهار ڪيو آهي، اهي نه فقط احساساتي طرح موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهن، پر تخليقي لحاظ کان پڻ وڏي وقعت جا حامل آهن.

هن وقت تائين اياز جا رومانوي ۽ عشقيه خط جيڪي ميسر ٿي سگهيا ۽ ڇپجي منظر عام تي اچي چڪا آهن، اهي ٻن حوالن تي محيط آهن، يعني: روشن مغل ڏانهن 'پنهل کان پوءِ' جي نالي سان لکيل ۽ مينڌري سعادتي ڏانهن، 'شيخ اياز هڪ شاعر هڪ عاشق' جي سِري سان لکيل خط. انهن ٻنهي ڪردارن مان روشن، هڪ زندهہ حقيقت آهي، جنهن سان اياز پنهنجا جوڀن وارا ڏينهن گهاريا آهن. پنهنجون مجذوب محبتون ونديون ۽ ورهايون آهن. جڏهن ته مينڌري سندس هڪ اهڙو اڻ ڏٺو ۽ اڻ پاتو پيار آهي، جنهن سان نه سندس ڪو ميل، نه ملاقات، فقط هڪ تخيلاتي ۽ تصوراتي عڪس ۽ احساس آهي، جنهن سان هُن خطن ذريعي پنهنجن ڪيفيتن ۽ قربتن جا احساس اوريا آهن. جن ۾ 'پنهل کان پوءِ' واري خطن جهڙو ڪيف ۽ قرار، بي خودي ۽ بي قراري ته ڪونهي، پر شانت ڍنڍ جهڙي مانار ۽ ٺوري ماندگي ضرور آهي. هيٺ انهن خطن تي هڪ طائرانه نظر وجهون ٿا.

## پنهل ڪان پوءِ (روشن ڏانهن خط):

روشن آرا مغل، اياز جو پهريون عشق ۽ عمر ڀر جو آڃپي هئي. هُن روشن کان اڳ ۽ ان کان پوءِ بہ ڪيترين عورتن سان پيار ڪيو جن ۾ 'هنو آناران، گائتري، گوپي، گيتا، قرت العين، اقبالِ ۽ راحت کان وٺي روسي حسينا ارينا، تاجڪ شاعره گلِ رخسار' ۽ ٻيون ڪيئي شامل آهن. انهن جي سونهن ۽ سُهڻ مان هُن سُرور ۽ سڪون ماڻيو. انهن جي چاهتن ۽ راحتن کي ساراهيو پر روشن جي موهہ ۽ محبت جا ڪيپ ۽ خمار هُن تي هميشہ قائم ۽ دائم رهيا.

هُو روشن مغل/ ريشم بابت لکي ٿو: "هوءَ مون سان شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ منهنجو هُن سان ايترو پيار هيو جو هوءَ جڏهن ڪراچيءَ تعليم لاءِ هلي وئي هئي، تہ مون کي تيستائين چين نہ آيو هو جيستائين مون ورثي ۾ آيل ڪجهہ زمين وِڪڻي، ڪراچيءَ ۾ تعليم لاءِ پئسا هٿ نہ ڪيا ها...مون پنهنجي زندگيءَ جو نهايت لا اُبالي دور ريشم سان گذاريو هو"(9).

شيخ اياز نہ رڳو پوپٽ وانگر سموري حياتي پانت پانت جي گلن جو واس وٺندي گذاري، پر جُڳنو جيان هڪ 'شمع/روشني' جي روڳ ۽ سوڳ ۾ سڄي زندگي پڻ بسر ڪري ڇڏي. هُن کي گهڻو ڪجهہ حاصل ٿيو پر پوءِ بہ هُو روشن کي ڪڏهن بہ وِساري نہ سگهيو. هُن جي سار ۽ پيار جي سُڳنڌن سان سندس سارو وجود واسيو پيو آهي. هُن جي شاعري توڙي نثر ۾ روشن جون يادون، سندس پيار ۽ خمار، مِٺي مِٺي درد، ڦوڙائي ۽ فراق جا نقش ۽ عڪس چِٽا نظر اچن ٿا.سچ تہ روشن، اياز جي جيون ۾ ائين آئي هئي، جيئن تيز طوفان،ڪنهن گهر جو بند دروازو کولي اندر ڪاهي ايندو آهي.

اياز مدد علي سنڌيءَ سان هڪ خط ۾، روشن جون سارونڻيون سارينديلکي ٿو:"روشن منهنجو پهريون پيار هئي. هوءَ منهنجي لاءِ شڪارپور هئي... اسين ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. روشن لاءِ آءٌ روزانو رابيل جون ڪونڊيون وٺي ويندو هوس...مان هن سان روزانو ملندو هوس، پر رات جو سُمهڻ کان اڳ سوچيندو هوس تہ رات الائي ڪڏهن ختم ٿيندي تہ صبح جو وڃي روشن کي ڏسان...مون تي هُن جو سوداءُ چڙهيل هوندو هو. جنون جي آخري حد هوندي هئي. افسوس تہ هوءَ ڦوهہ جوانيءَ ۾ مري وئي. ان وقت مون محسوس ڪيو هو تہ ڄڻ سڄي ڪائنات جو انت اچي ويو آهي"(10).

اياز جي روشن سان چاهت هڪطرفي نہ هئي، پر هنهي پاسي ساڳي موهہ ۽ محبت جو ٻارڻ ٻريل هو جنهن بابت هو پنهنجي سمرتين ۾ لکي ٿو: "اڌ رات جو مان هُن جي گهر مان هيٺ لهندو هوس ۽ هوءَ ڏاڪڻ جي مٿين ڏاڪي تي لالٽين جهلي بيهندي هئي تہ جيئن ڏاڪڻ تي منهنجو پير نہ ٿِڙي وڃي. ڏاڪڻ تي پندرنهن ويهہ ڏاڪا هُيا ۽ مان هر ڏاڪي تان هيٺ لهي، مُنهن ورائي، هن ڏانهن ڏسندو هيس. هوءَ ڏاڪو ڏاڪو ڪري منهنجي پُٺ تان هيٺ لهي ايندي هئي ۽ مان هن سان چائنٽ تان ٻيهر موڪلائي، جڏهن گهٽيءَ ۾ لهندو هوس تہ هوءَ بہ گهٽيءَ ۾ لهي ايندي هئي، پر لوڪ لَڄا کان، در بند ڪري مٿي ڏاڪڻ تي موٽي ويندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ ايندو هو تہ مان هن جو در کڙڪائي، هن کي وري هيٺ سَڏيان"(11).

جنهن اُنسيت ۽ عشق سان اياز روشن کي خطَ لکيا آهن. ساڳي پيار ۽ پاپوهہ سان روشن بہ کيس محبت جي ڀرپور موٽ ڏني آهي. جنهن جا عڪس ۽ اولڙا نہ فقط اياز جي مختلف جاين تي ڪيل ذڪر ۽ فڪر ۾ پَسي سگهجن ٿا. پر روشن جي اياز ڏانهن لکيل خطن ۾ پڻ ساڳي آنڌ مانڌ جي ڳالهہ شيام ڪمار پڻ ڪري ٿو جنهن وٽ اياز جا روشن مغل ۽ اقبال بيگم ڏانهن لکيل ڪيترائي خطَ سانڍيل رکيل آهن. جيڪي وڏي ڪوشش جي باوجود وٽائنس ملي نہ سگهيا. اهي خطَ جيڪر منظر تي اچي وڃن تہ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ ۾ ڪوڙ آسانيون ٿي سگهن ٿيون. سندس ڪيترين ئي ڪوتائن جا منظر ۽ پسمنظر ڏُنڌ مان نِکري نروار ٿي سگهن ٿا. انهن خطن جي شيام پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ تمام گهڻي ساراهہ ڪئي آهي.

هُو لکي ٿو:"اُن ڪامڻيءَ (روشن) جا آمريڪا، سري لنڪا مان مُبوءَ (مبارڪ اياز) ڏانهن، لکيل خطَ ادب جي شاهڪار رَچنائن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا ۽ هُن جا ڏانهس موڪليل پريم پتر، 'پنهل ڪان پوءِ' جي سِري هيٺ ڪتاب ۾ ڇپيا هئا. ڪامڻيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل درلڀ اڻ ڇپيل خطَ مون وٽ حفاظت سان سانڍيل آهن. جيڪي مناسب وقت تي پنهنجي جيوني ۾ پڌرا ڪيا ويندا. انهن خطن جي 'جڳ بيتي پاڻ بيتي'، حُسن ۽ پُرڪاري وان گاگ، مادام دي سيوين، جارج سئنڊ، ڪيٽس، نيپولن ۽ صفيہ اختر جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿي"(12).

ساڳين خطن جي تصديق اياز جي روشن ڏانهن لکيل خطن مان پڻ ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو هڪ خط ۾ لکي ٿو:"منهنجي روشني! آخر تو مون کي ياد ڪيو. تون رُڃ آهين. مان اُڃ آهيان. مون عمر ڀر تنهنجي جُستجو ڪئي آهي، پر آخر توکي احساس ٿيو تہ تنهنجو وجود منهنجي هستيءَ سان منسلڪ آهي. 'تنهنجو خط پهتو'. مون کي يقين هو تہ تون مون کي وِساري نہ سگهندينءَ"(13).

روشن هڪ خوبرو ۽ تعليم يافتہ خاتون تہ هئي، پر سُٺي شاعره ۽ گهڻ-پاڙهو بہ هئي. جيڪا شاعري سندس نالي سان سامهون آئي آهي، ان ۾ اياز جو اثر تہ جهلڪي ٿو پر پوءِ بہ ان ۾ ريشم جي ريشمي ۽ نفيس جذبن ۽ احساسن جي جاذبيت ۽ حُسناڪي پليءَ پٽ محسوس ڪري سگهجي ٿي.

شيخ اياز جا هن وقت تائين ڏانهس لکيل فقط سَت خطَ مليا آهن. جيڪي 'پنهل ڪان پوءِ' جي سِري سان شايع ٿي چڪا آهن. پر انهن ستن خطن ۾ اياز جي شخصيت ۽ زندگي، جيڪا هونءَ بهرحال ادبي ۽ علامتي غلافن جي ستن تهن ۾ ويڙهيل آهي، سا مڪمل طور کُلي سامهون اچي ٿي. هنن خطن ۾ هو نہ رڳو محبتن سان سَرشار ماڻهو محسوس ٿئي ٿو پر محبتن جو ماريل، ويڳاڻو وياڪل ۽ جدائي جي جهنم ۾ جيئندڙ اهڙو من موجي منش محسوس ٿئي ٿو جنهن جو اَملهہ خزانو فقط محبت جون سُڳنڌون ۽ ساروڻيون آهن.

اياز هنن خطن ۾ پنهنجي شخصيت ۽ سماجي رکَ رکاءَ جي سمورن خولن کي لاهي ڦِٽو ڪري ڇڏي ٿو. هُو اندر ۽ ٻاهر 'مي رقصم' بڻجي، پاڻ ۽ پنهنجن اَٿاهہ محبتن کي اظهاري ۽ اوري ٿو. هنن پريم پترن ۾، "اياز پنهنجن ڪمزورين کان باخبر رهندي، ڪڏهن بہ انهن تي

ڪو زرڪاري غلاف چاڙهڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، جيئن اڪثر دانشور ڪندا آهن. ان جي برعڪس هن جنهن جرئت سان پاڻ کي پڌري پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ نہ ڪو رک رکاءُ آهي، نہ ئي ڪا ذهني سينسرشپ...محبتن جي امرتا کي اياز کان وڌيڪ شايد ئي ڪو سمجهندو ۽ ڄاڻندو هجي. تڏهن تہ اهي وقت جي واريءَ ۾ لڪجي، ڌبجي وري وري اُڀري ٿيون اچن. هن جي من ۾ واسو ڪرڻ لاءِ (هن جي نثر ۾ رقص ڪرڻ لاءِ). هن جي گيتن تي گهٽائن جيان ڇانئجي وڃڻ لاءِ. ڪيس پنهنجو پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ"(14).

روشن. اياز جي جواني ۾ جوڀن جو پهريون ۽ پُرخمار پيار آهي. اهو نينهن. جنهن جا نشا ۽ سُرور سڄي زندگي، ماڻهوءَ کي مسرور رکندا آهن. سُورهن سترهن سالن جي ڦوهہ جواني. جيڪا اهڙي پُربهار هوندي آهي، جنهن ۾ وجود جي هر ڪلي، ڪنهن ڪنول جي گل وانگر ٽِڙي، نِکري، مُرڪي ۽ مهڪي پوندي آهي.

ريشم. اياز جي روح جي راحت ئي نہ. پر تخليق ۽ تشنگيءَ جو استعارو بہ آهي. انهيءَ ڪري ئي. هُو جڏهن هُن جو ذڪر ڪري ٿو تڏهن سِڪَ سِڪَ سرهاڻ بڻجي وڃي ٿي ۽ ماڻهوءَ جو سمورو وجود. ان سُڳنڌ جي واس ۾ ويڙهجي وڃي ٿو. وشواس خاطر سندس خط جو هيءُ ٽُڪرو ئي پڙهي ڏسو:

"اڄ پڻ منهنجي يار وَسڻ جا ويس ڪيا. اها سِڪَ ڇئي، مون تو ڏانهن ڏٺو تنهنجا نرم ڳل آسمان جي سفيد ڪڪرين وانگر ٿي لڳا ۽ تنهنجي هلڪي پيلي پوتيءَ مان شفق جا ٽڏيرا شعاع نڪري رهيا هئا. گويا تو بہ وَسڻ جا ويس ڪيا هئا. ڪائنات جو ازلي حُسن تنهنجي هستيءَ ۾ سمائجي ويو هو. مون پهريون دفعو محسوس ڪيو تہ. تون منهنجي شاعريءَ جو روح آهين...تنهنجين اکڙين ۾ اِسرار هئا. نيري آسمان کان بہ گهرا! منهنجي دل ڇوليون ماري رهي هئي. مون محسوس ڪيو تہ. تنهنجي ۽ منهنجي هستي رَلندي ملندي ٿي وئي. گويا تون ۽ مان بہ برساتي بوندون هياسين ۽ هزارها ميل سفر طئي ڪري، رات جو ڪنهن گلاب جي پَتي تي ڪِريا هئاسين ۽ ان وقت زندگي فقط رنگ و بو جو طلسم هئي. ڪنهن کي معلوم هو تہ. انهن مان هڪڙي بوند ڇلڪي ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي ويندي ۽ هڪڙي آفتاب جي تپش ۾ بادلن سان وڃي ملندي! بہ اجنبي، جن کي پنهنجي پنهنجي منزل معلوم نہ هئي، ڀٽڪندا ڀٽڪندا ڪنهن ڪناري تي ملي ويا ۽ اُچانگ محسوس ڪيائون تہ. اسين هڪئي جي منزل آهيون"(15).

سِتون آهن يا ڪنهن پرهہ جي پَرندي جو پُرسوز آلاپ، جنهن جي گونج، نہ رڳو سماعتن کي سڪون ۽ آنند آڇي ٿي، پر دلين جا سمورا مَيرَ پڻ ڌوئي.من کي اُجرو ۽ تن کي تازو ڪري ڇڏي ٿي. اياز جي هنن خطن ۾، دل جي اڻ جهل جذبن، بي قرار ڪيفيتن، محبتن جي سُرور، وصل جي ڪيف ۽ وڇوڙي جي ڦوڙائي ۽ فراق جا سڀ رنگ هڪ ئي وقت اثرائتي ۽ موهيندڙ انداز ۾ ملن ٿا.

حقيقت ۾ اياز جا هي خط، ڪجهہ لُڙڪن، ڪجهہ مُرڪن ۽ ڪجهہ دل جي لهوءَ مان قلم ٻوڙي لکيل آهن. انهيءَ ڪري انهن جي مطالعي کان پوءِ ڪجهہ ساعتن لاءِ، هڪ حساس دل

ماٺهو پنهنجي اندر ۾ به ساڳيون ئي ڪيفيتون محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. اياز جي هنن خطن جي رنگيني ۽ رواني، ٻوليءَ جي سَرلتا، بي ساختہ جذبن جي موهيندڙ اظهار ۽ احساس ڪي ڦِسي، وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سندس هي خطَ ٻَرن بنا پرواز ۽ نثر ۾ شاعريءَ جو حسين ڪرشمو ۽ مظهر آهن.

## ميندري سعادتي ڏانهن خط:

دراصل هي چاليهہ کن خطَ جيڪي اياز ڪنهن ميندري سعادتي نالي هڪ فرضي ڇوڪريءَ کي، ان جي لکيل خطن جي موٽ ۾ لکيا آهن. جيڪا عورت نہ پر اصل ۾ هڪ مرد آهي، ۽ اُن اياز کي پهريان خطَ انهيءَ انداز سان لکيا آهن تہ هوءَ سندس شاعريءَ ۽ شخصيت تي هڪ جامع مقالو لکي، ڪنهن معياري رسالي ۾ شايع ڪرائڻ ٿي چاهي، ان لاءِ ڪيس شاعر جي شخصي ۽ شاعراڻي سفر بابت معلومات گهربل آهي.

ابتدا ۾ اياز هُن کي هڪ مضمون نگار ۽ پنهنجي شاعريءَ جي شارح طور، خطن ذريعي ڪجهہ گهربل معلومات فراهم ڪرڻ کان علاوه ان مضمون جي ادبي رسالي 'مهراڻ' ۾ شايع ڪرائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي ٿو. ان حوالي سان سندس هڪ خط جي موٽ ۾ لکي ٿو: "محترمہ! اوهان جو 24 جنوريءَ جو لکيل خط پهتو. مان 'مهراڻ' جي ايڊيٽر مسٽر محمد ابراهيم جويي ڏانهن اوهان جي خط متعلق ڪجهہ معلومات لاءِ لکيو آهي ۽ سندس جواب اچڻ بعد اوهان ڏانهن گهربل جواب موڪليندس. ـ"(16).

اياز ان سلسلي ۾ جويي صاحب ڏانهن جيڪو خط لکيو ان ۾ لکي ٿو: "ادا ابراهيم، ڪنهن محترمہ جو خط آيو آهي تہ هوءَ 'مهراڻ' لاءِ 'شيخ اياز ۽ سندس ادب' جي سِري سان، مفصل مضمون لکڻ چاهي ٿي ۽ اوهان ان مضمون کي شايع ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. هن ڪيئي سوال پُڇيا آهن، جن جي جواب لکڻ ۾ ڪافي وقت صرف ٿيندو. مائي صاحبہ جو نالو آهي، ميندري. بي. اي. اوهان ٻُڌائيندا تہ واقعي هن جي اوهان سان ڪائي اهڙي خط و ڪتابت ٿي آهي يا نہ ۽ منهنجي لاءِ انهن سوالن جو جواب لکڻ فقط وقت جو زيان تہ نہ ٿيندو. جيستائين تنهنجو جواب نہ ايندو، تيستائين مان ڪيس جواب نہ ڏيندس"(17).

ان وچ ۾ ٻنهي جي خط و ڪتابت جاري رهي ٿي. اياز کان سندس ذات، زندگي، مطالعي، مشاهدي، معاشقن ۽ ذاتي معاملات بابت خطن ذريعي ڪيئي سوال پُڇي ٿي ۽ اهو پڻ چوي ٿي، تہ هوءَ ڪا اديبہ ۽ ليکڪا ڪونہ آهي، پر سندس شاعريءَ ۽ شخصيت سان اُنسيت ڪري، هن ۾ لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي پيدا ٿي آهي. هوءَ هر طرح شاعر کي کولڻ، ان جي جذبات جي تارن کي ڇيڙڻ ۽ سندس ننڍاکي نيٽڻ ۾ ڪيپ ۽ خمار پرڻ لاءِ پنهنجن خطن ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿي.

ٻنهي درميان خطن جو اهو رشتو قائم رهيو. مضمون، جنهن بهاني هُن جو شاعر سان تعلق جُڙيو هو اهو لکي ڪيس موڪلي ٿي ۽ اياز موٽ ۾ ڪيس لکي ٿو: "مون تنهنجو مضمون پڙهيو. جيتري خلوص سان تو لکيو آهي، ان جو قدر مان ئي ڪري سگهان ٿو. چوين تہ بار بار دهرايان. تون، مون کي نهايت پياري آهين"(18).

هوءَ مختلف وقتن تي پنهنجن خطن ۾ ساڻس ملاقات لاءِ نہ رڳو زور پريو ۽ اصرار ڪري ٿي، پر پنهنجي انگوري وجود جون آڇون پڻ ڪري ٿي. موٽ ۾ شاعر کيس سمجهائيندي، سوچائيندي، پنهنجي دل جو حال سُڻائيندي لکي ٿو: "توکي مون سان ملاقات جي ايتري تمنا تہ آهي، پر مون کي انديشو آهي تہ جي واقعي ملياسي تہ مون کي پنهنجي تصور مطابق نہ پائي، ڪٿي مايوس نہ ٿيئن. توکي منهنجي شخصيت منهنجي ادب ۾ بدرجہ اُتم ملندي، مون ۾ ڇا رکيو آهي؟ ٻيو تہ تون شبنم، مان شعلو مون کي تنهنجي قربت جي اشتياق تي رحم ٿو اچي. بهتر آهي تہ تون دور آهين. آڳ جي آغوش ۾ توکي ڇا ملندو!"(19).

خطن ۾ مينڊري ڪيئي بار ساڻس محبت تي وجهڻ جا احساس اوري ٿي، انيڪ خواهشن، سڌن ۽ جسماني سُندرتائن جون ڳالهيون ڪري ٿي، پر شاعر پنهنجي لڪا پوڻ نہ ٿو ڏئي. خطن مٿان خط، پر اياز پنهنجن بي انتها مصروفيتن (انهن ڏينهن ۾ هو پنهنجي وڪالت ۽ تخليقي ڪمن سان گڏ شاهہ جي رسالي جو اردو ترجمو ڪري رهيو هو) ان ڪري کيس وقت سِر خطن جي موٽ نہ ٿي ڏئي سگهيو نتيجي ۾ شڪوه شڪايتون، آزيون ۽ نيازيون. آهستي آهستي، شاعر جي چِت ۾ بہ چاهت جي چڻنگ دُکڻ ٿي لڳي ۽ هُو ساڻس ان جو اظهار هن ريت ڪري ٿو: "منهنجو توسان واقعي پيار ٿي ويو آهي، پر ائين جيئن ماڪ ٽُڪڙيءَ سان ڪري...توکي اهو وهم ڪيئن ٿيو تہ مون کي تنهنجي جسم جي تمنا آهي. جيڪڏهن تون، مون سان ساري زندگي نہ ملندينءَ، تڏهن بہ مان، توسان خط و ڪتابت ڪندو رهندس. جيستائين تنهنجي روح ۾ ڪجهہ جُگنو چمڪي رهيا آهن، تيستائين مان چنڊ ستارا چونڊي توکي موڪليندو رهندس"(20).

اياز جي آهستي آهستي هُن ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي ۽ هُو ان اڻ ڏٺي محبوب جي ادائن تي فدا ٿي پوي ٿو تڏهن ئي تہ کيس لکي ٿو: "معلوم نہ آهي تہ ڇواڄ تو ڏانهن خط لکڻ جو بار بار خيال اچي رهيو آهي. شايد تنهنجو ادب لاءِ اُنس ۽ منهنجي فطري بي اعتناعي، رکي رکي منهنجي روح ۾ چُڀي رهيا آهن. شايد مان غير شعوري طرح تنهنجي قريب اچي رهيو آهيان. شايد تنهنجي غير معمولي اِنڪساريءَ جي جيت ۽ منهنجي غير معمولي بي نيازيءَ جي هار ٿي رهي آهي. سچ ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟ مان ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس. واقعي مون زندگيءَ ۾ هَٿ هارائي، اهڙو سوال ڪنهن کي نہ لکيو آهي. مون تنهنجو گذريل خط بار بار پڙهيو ۽ ڪائي اجنبي ڪيفيت محسوس ڪئي. تنهنجي شخصيت ۾ سچ پچ ڪجهہ جاذبيت نظر اچي ٿي"(21).

اياز خطن ۾ هُن سان نہ فقط پنهنجي ذات ۽ زندگيءَ جي حوالي سان ڪيئي ڳالهيون ڪيون آهن، پر علمي، ادبي، فڪري بحث ۽ احساساتي اوراڻا پڻ اوريا آهن. جيڪي هر لحاظ کان حسين، تخليقي ۽ متاثر ڪندڙ آهن. انهن مان هڪ طرف سندس گهري مشاهدي جي جهلڪ ملي ٿي تہ ٻي طرف آٿاهہ مطالعي جا عڪس ۽ اولڙا پڻ نظر اچن ٿا. هِن خطن ۾ جتي اياز جي باڪمال ٻولي، تشبيهن ۽ استعارن جون نُدرتون، جمالياتي ۽ رومانوي حُسناڪيون ملن ٿيون، اُتي مينڊريءَ جي سُني پڙهيل ڳڙهيل هجڻ جي گواهي پڻ ملي ٿي، تڏهن ئي تہ اياز لکي ٿو: "منڙا ماٺهوا تنهنجو خط ۽ تصوير پهتي. خط جي پهرين صفحي تي EniclyBroi جو

شعر ڏسي ڪجهہ تعجب آيو. توکي معلوم نہ آهي تہ، مون کي هُن جي تحريرن ۾ زندگيءَ سان ڪيترو اُنس آهي. هڪ دفعي جڏهن مان يارهين درجي ۾ پڙهندو هوس، ڪوئيٽا وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اتي هن جي ناول تي ٺهيل فلم Univering Height ڏٺي. انهن ڏينهن ۾ جا دل جي ڪيفيت هوندي هئي، ان سبب مون تي ان فلم نهايت گهرو اثر ڪيو. هونءَ بہ اهو ناول بهترين ناولن مان آهي. تازو مون Samersat Mangham جو ڪتاب،'دنيا جا بهترين ناول' پڙهيو ۽ انهن ۾ مٿيون ناول بہ شامل هو. پوءِ مون هُن جي شاعري ۽ زندگيءَ جو مطالعو ڪيو ۽ هن جي ڀيڻ Charlotteجا ڪتاب بہ پڙهيا. منهنجي نظر ۾ هوءَ ادبي دنيا ۾ هڪ نهايت ئي منڙو انسان آهي. مان توڏانهن ٻئي ڪتاب تحفي طور موڪليان ٿو..."(22).

اياز هن فرضي محبوبہ سان خطن ۾ نہ رڳو احساساتي محبتن جو اظهار ڪري ٿو پر ڪيس سُٺن ڪتابن جا تحفا موڪلي، هُن سان علمي ۽ ادبي تعلقن جي تند ڳنڍڻ ۽ جوڙڻ جي ڪوشش پڻ ڪري ٿو. هڪ خط ۾ ڪيس لکي ٿو: "توکي فرصت هجي تہ تي ڪتاب ضرور پڙهہ. ٽئي ناول آهن ۽ توکي پڙهڻ ۾ ٿڪ نہ ٿيندو.Moulin Rouge، ان ۾ آرٽسٽ، Tolouse Lautrec جي زندگي آهي. هو فرانس جيImpressionist school of art جو نهايت چڱو فنڪار هو. ٻيو آهي، Samersat Manghamجو Moon and six pence ان ۾ بہ شايد مصور Paul cezanne جي زندگي آهي ۽ ان ۾ فن لاءِ هر شيءِ صدقي ڪرڻ جو جذبو نهايت چڱيءَ طرح چٽيل آهي ۽ ٽيون آهي، Vincent Van Goch جي زندگي، جا Irvring stone لکي آهي ۽ ڪتاب جو عنوان آهي، Van Gocch, Lust for Life- هو مصور هو ۽ تصوير ڪيڻ مهل، جا ڪيفيت هو محسوس ڪندو هو اها ئي ڪيفيت مان شعر لکڻ مهل محسوس ڪندو آهيان. اها ڪيفيت، جا هن جي برش جيِاسٽروڪ مان ظاهر آهي، سا توکي منهنجي شعر جي رواني ۾ ملندي"(23).

شيخ اياز جهڙو ناميارو ڪوي، جنهن جي ڪوتائن جي سنڌ ۽ پاڪستان کان وٺي پرڏيهہ تائين وڏي مڃتا ۽ ناماچاري آهي، جنهن جو آغوش محبتن جي گلن سان اڳ ئي ڀريل آهي ۽ عشق وِنس سدائين آرائينءَ جيئن جهول ڀري آيو آهي، اهو هڪ اڻ ڏٺي، اڻ آزمائي فرضي عورت کي آخر اهڙا رومانوي ۽ رنگين خط ڇو ٿو لکي؟ ان کي مختلف ادبي اردو سنڌي رسالا، 'نئين قدرين'، 'شعور'، 'نئين زندگي'، 'مهراڻ'، ۽ انگريزي، اردو، سنڌي ناول، ڪهاڻين ۽ آتم ڪهاڻين جا ڪتاب، پوسٽ جا خرچ ڀري، ڇو ٿو موڪلي ۽ ڪيس ڇو ٿو پڙهائي؟ 'فهمو، فهميده، چري، بانوري ۽ منڙا ماڻهو' جهڙن موهيندڙ نالن سان مخاطب ٿي، هُو جنهن کي موهہ ۽ چاهہ جي راحتن سان ڀرپور خط ٿو لکي، اها آخر آهي ڪير؟

شيام ڪمار ان حوالي سان پنهنجي جيوني ۾ لکي ٿو: "پنجاهہ جي شروعاتي (آخري) ڏهاڪي ۾ اياز جي، دادو جي ٿر جي، ميندري سعادتي نالي ڪنهن خاتون سان، فرانس جي قداور دانشور ٻهگڻي اديبہ مادام ڊي سيوين ۽ اختر شيراني جي اصلي يا خيالي محبوبہ سلميٰ جهڙي محبتي ۽ ادبي خط و ڪتابت شروع ٿي هئي. اهي خط مون کي بہ پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو.(بعد

۾ هوءَ ڀھروپيو يعني مرد ثابت ٿيو جيڪو ڪيس پوڪ ٻڌائي رهيو هو) هُن جي هڪ موڪليل تصوير ڏسي (جيڪا مون به ڏٺي هئي) جنهن ۾ هوءَ پيرن کان چوٽيءَ تائين، سواءِ مُنهن جي، چڙ بافتي جي ٿانَ ۾ ويڙهيل، شرم ہوتيءَ جيان شرمايل، وڪوڙيل سڪوڙيل لڳي رهي هئي، جنهن کي ڏسي، اياز پوءِ بي اختيار ٿي لکيو هو ته هُن ڪيس غالب جو غزل ٿي سمجهيو پر هوءَ ته ساميءَ جو سلوڪ نڪتي"(24).

اياز دلي طور هڪ معصوم شاعر ۽ شعوري طور هڪ وڏو مدبر ۽ پارکو ماڻهو هو. هُن زندگيءَ جون انيڪ تلخيون به ڏٺيون هيون ته، ڪيئي مسرتون به ماڻيون هُيون. هُن جو وڏو مطالعو مشاهدو ۽ تجربو هو. منهنجي خيال ۾ هن يقيناً ڄاتو ٿي ته، ڪيس خط لکندڙ عورت نه، پر ڪو مرد آهي، جنهن جا اشارا سندس خطن ۾ پڻ موجود ملن ٿا. هڪ خط ۾ لکي ٿو: "اڄ تنهنجو خط پهتو. وري ساڳي ڪِلَ موتي آئي. واقعي جي تون عورت نه آهين ۽ اهي خط ڪوئي مرد لکي رهيو آهي ته، افسوس آهي جو ايتري نسائيت جي باوجود توکي مير ۽ مومن جي دور ۾ پيدا نه ڪيو ويو ۽ جي تون عورت آهين ته، تو ۾ نسائيت اڃا گهٽ آهي، ڇو ته چڱيءَ طرح جواب ڏيڻ تي روح ٿي نه ٿو وري"(25).

اياز پنهنجي اندازي ۾ بلڪل درست هيو. هوءَ عورت نه هئي، پر عورت جو روپ ڌاري هُن ڪيس آزمائڻ ۽ پَسرائڻ پئي چاهيو. دادو جي پاسي جي منهنجي شاعر دوست ذوالفقار گاڏهيءَ سان جڏهن اُن باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي ته، هن ٻڌايو ته 'اصل ۾ اهو ڪردار سندس شهر خيرپور ناٿن شاهه جو هو ۽ هُو هُن جو ذات ڀائي هو. جنهن جو نالو علي محمد خان گاڏهي هو ۽ هن جو تعلق هڪ آسودي ۽ معزز گهراڻي سان هو. مينڌري سعادتي، سندس محبوبه هئي، جيڪا ذات جي اوڏ هئي، پر انتهائي حسين ڇوڪري هئي. علي محمد گاڏهي سنڌ يونيورسٽي مان پڙهيل هو. هو نه رڳو ڏيک ويک ۾ وجيهه ۽ سهڻو نوجوان هو پر انگريزي، اردو ۽ سنڌي ادب تي پڻ ڪيس سُٺيدسترس هئي. هُو ڪهاڻيون لکندو ۽ چڱي شاعري به ڪندو هو. سندس هڪ ڪهاڻي، 'سوداگر سنسار'، 'رم جهم' رسالي ۾ ڇپيل آهي. هُو جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو. هُن اهي خط اياز کي 1957ع ڌاري لکيا هئا، جيڪي موت کان پوءِ سندس پُوين، معروف شاعر مُحسن ڪڪڙائي حوالي ڪيا هئا، جن مان گهڻا شايع ٿي چڪا آهن ۽ اڃان ڪجهه محسن جي وارثن وٽ پيل آهن. جن کي، مشتاق پرگڙي جڏهن زندهه هو ته، 'رم جهم' رسالي ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڪمپوز پڻ ڪرايو هو پر پوءِ رسالي جي اها ڪڙي پڌري نه ٿي سگهي ۽ سمورو مواد ڪٿي ضايع ٿي ويو'.

ذوالفقار گاڏهي پنهنجي مختصر نوٽ ۾ اُن حوالي سان رسالي 'رم جهم' ۾، لکي ٿو: "علي محمد گاڏهي 1959ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان ايم. اي. انگلش لٽريچر ۾ ڪئي. (جڏهن ته سندس ايڊميشن ڪارڊ ۾ پوليٽيڪل سائنس ڄاڻايل آهي). هُن 1955ع ۾ 'آرزو ۽ ارمان'، 'الله جي نالي تي'، 'ناڪامي'، 'ٻه مجسما' (ترجمو)، 'ماءُ جا لُڙڪ'، ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون، ترجما، ڪهاڻيون ۽ شاعري وغيره ان وقت جي مشهور رسالن 'آدابِ

عرض'، 'آفڪار'، 'گُل ڦُل'، 'فردوس'، 'نئين زندگي'، 'مهراڻ'، 'سُهڻي' ۽ ٻين ڪيترن رسالن ۾ لکيو. هُن جي ٻولي نهايت جاذب ۽ وڻندڙ هئي. محمد ابراهيم جويو، طالب المولىٰ، غلام رباني آگرو، سليم هالائي، بيگم زينت عبدالله چنه ۽ محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجن رسالن ۽ مخزنن لاءِ هُن کي خاص خط لکي مواد گهرائيندا هئا... هي ڪيترائي سال شيخ اياز کي هڪ ڇوڪريءَ جي نالي سان خط لکندو رهيو هو."(26).

شيخ اياز کي اهي خطَ ان دور ۾ لکيا ويا، جڏهن هو مختلف قسم جي ذهني ۽ نفسياتي فڪرن ۾ اُلجهيل ۽ روحاني اضطراب ۾ وڪوڙيل هو. سندس محبوبہ روشن جو موت، ٻي پيار ميرا اِقبال سان علحدگي، ملڪ جي ورهاڱي سبب وڇڙي ويل دوستن جي جدائي جو درد، بنياد پرست ادبي لڏي جون ساڙس عداوتون ۽ اُچاتون، انهن مِڙني مامرن مِڙي هڪ حساس من شاعر کي ملول ۽ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو هو. تڏهن ئي تہ هڪ خط ۾ لکي ٿو: "تو مون سان دوستي تڏهن رکي، جڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ ٻي انتها تلخي هئي"(27).

دنيا جي ٻين ڪيترن شاعرن لارڊ بائرن کان وٺي ڪيٽس، ڪولرج ۽ خليل جبران تائين، سڀن اهڙيون گمنام محبتون ڪيون آهن. اياز جي هنن خطن جو قصو بہ اهڙو ئي آهي. حقيقت ۾ اياز جا هي خَطَ سندس ٻين لکيل سمورن خطن کان مختلف بہ آهن تہ منفرد بہ، ڇو تہ اهي نہ ڇاپڻ خاطر لکيا ويا آهن، نہ ڪنهن ڏنل پرڪيل پياري ڏانهن لکيل آهن. پر هڪ اهڙي ناآشنا ماڻهوءَ ڏانهن لکيل آهن، جنهن سان رشتو ۽ ناتو ئي خطن ذريعي جُڙي، جوان ٿي ۽ نينهن ۾ بدلجي ٿو. سچ تہ هي خَطَ هڪ حساس شاعر، نرمل نثر نگار ۽نفيس عاشق جي دلي ۽ ذهني ڪيفيتن جو اُجرو عڪس آهن. هي خط اياز جي مزاج، فڪر، مختلف ذهني، نفسياتي لاڙنۦ سندس ذات ۽ زندگيءَ جي ٻين ڪيترن پهلوئن کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا. اُن سان گڏوگڏ اياز ڏانهن مينڌري، سعادتي جا لکيل خَطَ پڻ منظرِ عام تي اچڻ گهرجن، جنهن سان ڪيترن ئي مبهم پهلوئن ۽ افواهن جي اصل حقيقت آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهي ٿي.

## اياز جا علمي ۽ ادبي خطَ:

شيخ اياز ٻوليءَ جو وينجهار آهي. هو هڪ سنگتراش وانگر لفظن کي تراشي، انهن ۾ نہ فقط جذبن جو روح اوتي ٿو پر انهن کي زنده ۽ جاويد بڻائي ڇڏي ٿو. اياز سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ورثي کي سانڍڻ کان علاوه جديد دور جي لحاظ سان سنڌي ٻوليءَ کي نہ صرف پنهنجي تهذيبي ۽ ثقافتي روح سان روشناس ڪري اُن قابل بڻايو آهي، جو اُن مان مِٽي ۽ مارن جي مهڪ محسوس پئي ٿئي، پر اُها لفظ ـ ڀنڊار جي حوالي سان پڻ دنيا جي خوشحال ٻولين سان بَرميچي سگهجي ٿي.

اياز سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ورثي کي نہ صرف سانڍيو ۽ سنڀاليو آهي، پر پنهنجي ٻوليءَ کي نئين سِر گهڙي، پنهنجن تحريرن ۽ تخليقن ۾ اهڙي سُندر ۽ سيبائتي انداز سان جَڙيو آهي، جو اهي ادب جو شهپارو بڻجي پيون آهن.

هونءَ تہ اياز جون سموريون تحريرون علمي ۽ ادبي خوبين ۽ خوبصورتين سان سرشار ۽

تمثار آهن. هن جو نظم هجي توڙي نثر، ان ۾ فڪر جي گهرائي، تخيل جي سگهه، اسلوب جي انفراديت، ادبي شائستگي، فني سُندرتا، اظهار جي بي ساختگي ۽ تخليقي نُدرت نمايان نظر اچي ٿي. پر سندس نثري تحريرن ۾، خاص ڪري هُن جا خطَ، انهيءَ ڪري بہ اهم ۽ شاهڪار آهن، جو انهن جو گهڻي قدر موضوع ۽ محور ادب آهي. هُن جي پنهنجن دوستن، محمد ابراهيم جويي، مدد علي سنڌي، طارق اشرف، يوسف شاهين، حميد سنڌي ۽ ڪجهه ٻين ڏانهن لکيل خطن کان علاوه، 'جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي' وارا خطَ، جيڪي پڻ جويي صاحب کي لکيل آهن، علم ۽ ادب جو آملهه سرمايو آهن. انهن خطن ۾ اياز نہ فقط پنهنجي دل ۽ دنيا جون ڳالهيون ڪيون آهن، پر علم ۽ ادب جو سمنڊ پڻ ڀرتيو آهي. دنيا جي تاريخ، سياست، ظلم، استبداد، مزاحمت، انقلاب، آزادي ۽ ان ۾ اديب جي قلم جي سگهه ۽ سندس عملي ڪردار بابت، جنهن جرئت ۽ ڀرپوريت سان اياز پنهنجن هنن خطن ۾ اظهار ڪيو آهي، اهو بي مثال آهي.

شيخ اياز جا خطَ هڪ ئي وقت ادب جو شاهڪار بہ آهن تہ علم ۽ آڳهيءَ جو ڀنڊار بہ. انهن ۾ اياز جي اَڇَهل جذبن جي اُپٽار سان گڏوگڏ سندس مطالعي، مشاهدي، تجربي ۽ تخيل جي اُڏام ڏسڻ، پرکڻ ۽ پُرجهڻ جي قابل آهي. هُن وٽ اظهار ۽ بيان جي ايڏي قابليت ۽ تخليقي صلاحيت آهي، جو هُو جيڪا بہ ڳالهہ ڪرڻ چاهي ٿو ان کي اهڙي فنائتي انداز ۽ سيبائتي سليقي سان پيش ڪري ٿو جو انهيءَ جو تاثير شعور ۽ من کي موهي وجهي ٿو.شيخ اياز جي ادبي خطن جي وڏي خوبي آهي ٿي، انهن جي ادبي لطافت، فڪري تازگي ۽ فلسفياڻي گهرائي، جيڪا خط کان وڌيڪ اُن کي هڪ ادبي ۽ علمي ڊاڪيومينٽ جي حيثيت ۽ اهميت عطا ڪري ٿي.

## جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي:

شيخ اياز جي پنهنجي سهيوڳي ليکڪ ۽ قريبي دوست محمد ابراهيم جويي ڏانهن لکيل هي ڀاويهہ آملهہ خطن تي محيط ڪتاب، انهيءَ ڪري بہ اهم آهي، جو ان پنهنجي اسلوب، احساساتي اظهار ۽ فڪري ويچارن جي پختگيءَ ڪارڻ، سنڌ جي ادبي ڪيتر جي وڏي انگ کي نہ فقط موهيو ۽ متاثر ڪيو آهي، پر هڪ ادبي روايت بڻجي، سنڌ جي سينئر توڙي نوجوان نسل جي نثري تحريرن ۾ تخليقن ۾ وڏي نِکار ۽ نِرملتا پيدا ڪئي آهي.

سنڌي نثر جي حوالي سان تمام ٿورا نالا آهن، جن پنهنجي ڊِڪشن، اظهار ۽ اندازِ بيان جي جادوءَ سان پنهنجن پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن جون دليون جِيتيون ۽ سندن دماغن کي تازگي ۽ تراوت بخشي آهي. اياز سنڌي ادب ۾ اهڙي نثر جو باني نہ بہ چئجي، پر ان ۾ نوان رنگ ۽ ترنگ پيدا ڪري، ان کي نئين جوت، جدت ۽ جلا ضرور عطا ڪئي آهي.خاص ڪري هنن خطن ۾، اياز جو نثر رڳو پاڻ رقص نہ ٿو ڪري، پر پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن کي بہ جهومائي ڇڏي ٿو. هُن جي تحرير جي انهيءَ خوبيءَ ئي سندس خطن ۾ موجود ٻين ڪيترين خامين ۽ جهولن کي پاڻ ۾ لِڪائي ڇڏيو آهي. اياز جا ڪيترا خط ايترا طويل ۽ مختلف تفصيلن تي مبني آهن، جو اهي هوندءِ ماڻهوءَ کي اُڪتائي ۽ ٿڪائي وجهن ها، پر اهو سندس جاذب ۽ پُرلطف اظهار ۽ اسلوب ئي آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي ٿڪائڻ ۽ اُڪتائڻ بدران لطف اندوز ڪري ۽ پاڻ سان ساڻ ڪٺي هلي

ٿو.

ان کان علاوه اياز جا هي خط لکيا ئي ڇپائڻ ۽ ماڻهن کي پڙهائڻ لاءِ ويا آهن. انهيءَ ڪري انهن ۾ سوچ ۽ سُچيتائيءَ جو عنصر فطري طرح زياده آهي. پر ان جي باوجود انهن ۾ ڪمال جي رواني ۽ بي ساختگي ملي ٿي. جيڪو پڻ اياز جو هڪ وڏو گڻ آهي. جنهن مان سندس فني سگهه ۽ فنڪاراڻي سُرت جي سُڌ پوي ٿي.

شيخ اياز جي هنن خطن ۾ خيالن ۽ احساسن جو اظهار گهڻو تڻو شاعر جي ذاتي مشاهدي، تفڪر، تصور ۽ داخلي جذبن تي آڌارڪ ۽ دنيا جي رنگينين، دردن، غمن، سنسار جي فطري مظهرن جي حوالي سان آهي. انهيءَ ڪري هر خط پنهنجي فڪري ۽ احساساتي جوهر ۾ هڪ مڪمل تصوير ۽ تاثر به رکي ٿو ته ان ۾ ادبي لطافت، احساساتي رنگيني ۽ تاريخي حقيقتون به ملن ٿيون. خطن جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته اياز جي تصور ۽ تخيل جو پنهنجو هڪ جدا جَهانُ آهي. جنهن ۾ هُن جا شين کي ڏسڻ، پَسڻ ۽ پرکڻ جا پنهنجا معيار ۽ ماپا آهن. سندس هنن خطن ۾ جمالياتي ۽ تخليقي نثر جا ڪيئي تاج محل پنهنجي پوري حُسناڪي، جاذبيت ۽ جوت سان، ماڻهوءَ کي موهڻ ۽ متاثر ڪرڻ لاءِ موجود ملن ٿا. چند مثال ملاحظه ڪريو:

"هُن مون کي پنهنجن پنهي ڪُلهن تي ڪارا داغ ڏيکاريا، جي ڪنهن تهجد گذار جي پيشانيءَ تي داغ وانگر ٿي لڳا. اها حقيقت اهو محسوس ڪري سگهندو، جنهن بُک ڪَٽي آهي. انهيءَ کي معلوم هوندو ته اِها ڇپي جيون جي هر اَمُلهه وٿ کي ڪيئن نه چرڪائي ٿي ڇڏي. ڍءُ آهي ته ڍول به آهي، نه ته هر اُڪنڊ ۽ اُڪير مان من کي ڪِرسي ٿي اچي. گرجا جو گهنڊ، مڙهيءَ جو سنک، مسجد جي بانگ، سڀ آنڊي جي آنڌ مانڌ ۾ اجنبي ٿا لڳن....ڍوڍي ۽ ٿوم جي بوءِ، روح جي هر خوشبوءِ کان زياده پياري آهي. چُلهه ۽ تَئو محراب ۽ منبر کان زياده مقدس آهن. پيٽ ڏيڌ خدا آهي...منهنجي تصور جو ڪُهنبو زندگيءَ جي ڪُلهي ڦاٽل ڪنجري کي لِڪائي ته نه ٿو سگهي!"(28).

"بتيلي جي آڳل وٽ هڪ پيرسن عورت هٿ ۾ ونجهه جهلي بيٺي هئي. هن کي ول ۾ آڌ سُکل ڊاک جي ڇُڳي جهڙو ڪوماڻل، گهاٽو ڪارو چهرو هو جنهن جي پيلي ڳلن کان ڪاڏيءَ جي پاسي تائين ڦيڦي چمڙي لَڙڪي رهي هئي، جيئن اُس ۾ سَڙي سَڙي شيشم جو ڪاٺُ ڦٽي پوندو آهي. مان لهي بتيلي ۾ وينس ته، هن ونجهه سان ان کي ڌِڪي هٽايو ۽ بتيلو اُتر جي واءِ ۾ پاڻي تي هنج وانگر لهوارو ترندو ويو"(29).

شيخ اياز جي هنن خطن جي هڪ خصوصيت اها به آهي ته، اهي توڙي جو لکيا هڪ ئي ماڻهوءَ کي ويا آهن. انهن جو مخاطب جويو صاحب آهي، پر اهي دراصل سڄي سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن ڏانهن لکيل آهن. انهيءَ ڪري انهن ۾ موضوعن جي 'گوناگونيت' کان وٺي خيال ۽ احساس جي وڏي وسعت نظر اچي ٿي. هو هنن خطن ۾ انهن سان به مخاطب آهي، جن جون دليون جذبن ۽ احساسن سان ڌڙڪن ٿيون ۽ سندن اکيون ٻين جا درد ڏسي آشڪبار ٿي وڃن ٿيون. انهن سان به هم ڪلام آهي، جن وٽ طاقت به آهي ته، پئسي جا انبار به آهن. هو هر شيءِ کي

ڪاغذي نوٽن سان خريد ڪرڻ جي گھمنڊ ۾ ايترو تہ غش هوندا آهن، جو سندن ڪنهن تي اک ئي نہ ٻڌندي آهي. اهڙي ئي هڪ ڪردار سان مخاطب ٿيندي، اياز هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"واقعي شاهہ صاحب، پئسي سان ڇا نہ ٿو ملي! ڪاريون ڳجليون اکڙيون، سنهڙا سهڻا چپ، سانوري سلوني رنگت، ڇا ڇا نہ ٿو ملي! انسان جو جسم تہ ڇڏ، پر روح بہ مُلهہ ڳنهي ٿو سگهجي! پئسو انسان جي ڇهين حس آهي، ان کان سواءِ هن جا باقي پنج حواس زندگيءَ جو پورو مزو ماڻي نہ ٿا سگهن، پر شايد ڪو اهڙو وقت اچي، جو پئسي کي ايتري همہ گير طاقت نہ رهي! شايد ڪو اهڙو وقت اچي، جو پئسو نہ انسان جو جسم خريد ڪري سگهي، نہ روح"(30).

ڪيڏي نہ هر سِٽ ۾ تلخي ۽ طنز آهي. ڪيڏو نہ هر لفظ ۾ سچ جو مچ ٻريل آهي، جنهن جي جَرَ جراٽي کي، هر باشعور ۽ ذي روح ماڻهو آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهي ٿو.

اياز هر شيءِ کي پنهنجي پُر نور نيڻن سان ڏسي، حساس دل سان محسوس ڪري ۽ تخليقي شعور سان اظهاري ۽ بيان ڪري ٿو انهيءَ ڪري هُن جو نہ فقط مشاهدو منفرد ۽ نرالو آهي، پر سندس تجربو پڻ تمام گهڻو حُسناڪ ۽ تخليقي آهي. هُو هڪ خط ۾ لکي ٿو:"مون موهن جي دڙي جو عجائب گهر بہ ڏٺو آهي، پر ٽيڪسيلا جو عجائب گهر پنهنجو مثال پاڻ آهي. گوتم ٻڌ جا مجسما جابجا رَکيل هئا. جيترو اطمينان ۽ سڪون گوتم جي مُنهن مان نڪري، انساني روح کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ٿو ايترو شايد ئي ٻئي ڪنهن انسان جي مُنهن ۾ هجي. ڪيترو نہ رحم، نرمي، خلوص ۽ اطمينان آهي هن جي چهري ۾! مون ائين محسوس ڪيو تہ منهنجي روح کي چانڊوڪيءَ جي چادر ۾ ويڙهي، ڪوئي لولي ڏئي رهيو هو. هن جي اکين ۾ مقناطيس جي ڪشش هئي، جا ڇڪي رهي هئي...ڪا گهڙي تہ مان هن کي حيرت ۽ خاموشيءَ سان تڪيندو رهيس، ۽ پوءِ هن جي مٿي تي هٿ گهمائي چيم تہ 'ٻڍوان! تون واقعي بيحد حسين آهين، پر جنهن بُت تراش توکي گهڙيو آهي، تنهن جو روح تو کان بہ زياده حسين هو. اُن جي هٿن ۾ اها نرواڻ هئي، جا هن تنهنجي چهري کي بخشي آهي. تون ڀُلي ٿو ويچين تہ تون پٿر هُئين ۽ منهنجي فنڪار ياءَ توکي اهو وجود، اهو حُسن ۽ اها ڪشش بخشي آهي"(31).

شيخ اياز جي هنن خطن ۾، شاهہ لطيف جي ڪيترن ئي فڪري نقطن تي بحث کان وٺي ڪبير، ميران، بلا شاهہ، شاهہ حسين، ٽئگور، نذرالاسلام، خوشحال خان خٽڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڏيهي توڙي پرڏيهي سِرجڻهارن جي تخليقن تي نہ صرف سير حاصل بحث ملي ٿو پر انيڪ نقطن جون وضاحتون ۽ ڇنڊڇاڻ پڻ ملن ٿيون. اياز بابت ناستڪ هجڻ جو مفروضو بہ عام توڙي ادبي حلقن ۾ مشهور رهيو آهي، پر هو پنهنجن هنن خطن ۾، ان کي رد ڪري ٿو ۽ حُسن کي خدا تسليم ڪندي چوي ٿو: "موت جو تصور، زندگيءَ کي ڪيترو نہ بي معنيٰ ۽ ڪيترو نہ معنيٰ خيز بڻائي ٿو ڇڏي! مون کي هميشہ اهو خيال ايندو آهي تہ هيءَ زندگي بلڪل مختصر آهي، ان ڪري مون کي ان تي ائين پيار ايندو آهي، جيئن محبوب جي جوانيءَ تي اچي. جڏهن سوچيندو آهيان تہ ان جو ڪيترو حصو فقط ذريعہ معاش جي پيچي ۾ گذري ٿو ويچي تہ ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. زندگيءَ جي فقط اها گهڙي باقي آهي، جا حُسن جي تلاش ۾ گذري

ٿي، باقي سڀ ڪجهہ فاني آهي. حُسن خدا آهي"(32).

اياز جو هي شاعراڻو ۽ تخليقي نثر، هڪ طرف 'ادب، فلسفي، تاريخ، تهذيب، ڪلچر ۽ تخليق' جو نرالو رڪارڊ آهي تہ ٻي پاسي، 'خطَ، خواب ۽ خوبصورتيءَ' جو حسين امتزاج آهن، جنهن ۾ زندگيءَ سان لاڳاپيل سمورا موضوع زيرِ بحث اچن ٿا. هنن خطن ۾ اياز جي زندگي، مطالعي، تجربي ۽ مشاهدي جا موتي ڪنهن ٽٽل هار جي موتين وانگر وکريا پيا آهن، جن کي جيڪڏهن مختلف پهلوئن جي مالهائن ۾ پِروئجي تہ نہ رڳو ڪيئي هار ٺهي سگهن ٿا، پر سندس جيون جي جوڳ، جفاڪشي، ڪوتائن جي منظرن، تخليقن جي محرڪن ۽ پيار – پناهن جي انيڪ حوالن جي حاصلات ممڪن ٿي سگهي ٿي. سچ تہ هي خطَ هُن جي آتم ڪٿا ۽ شاعراڻي سفر جو هڪ اهم دستاويز آهن.

اياز ڏيهہ پرڏيهہ جا ڪيئي وڻ ووڙيا. ڪيترن ئي اجنبي چهرن ۾ پنهنجائپ ڀَسي. انهن سان روح رهاڻيون ڪيون، انيڪ تاريخي ماڳ، مڪان ۽ فطرت جا سُندر نظارا ڏٺا، پر پوءِ بہ سدائين پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي مهڪ ۽ پنهنجن ماڻهن جي موهہ کي ساريندو ۽ پچاريندو رهيو. هو پنهنجن حسين ساروڻين جا ورق ورائيندي هڪ خط ۾ لکي ٿو: "رينو ڊيڪ تي وچي بيٺي هئي ۽ هُن جون چڳون هوا ۾ اُڏامي رهيون هيون. مان بہ ڊيڪ تي وچي بيٺس تہ، هُن مون کي چيو 'مان ڪڏهن بہ سنڌ نہ وئي آهيان ۽ اڳ ڪو بہ سنڌي نہ ڏٺو آٿم. اوهان جي ديس ۾ نديون آهن'؟، رينو اُتي فقط هڪ ئي ندي آهي – سنڌوءَ ان کي اسان ديويءَ وانگر پوڄيندا آهيون. ان ۾ اسان جون هندو عورتون آڪا اُڇلي، 'جهولي لال جهولي لال' چونديون آهن. اسان جي ان سان ايتري عقيدت آهي، جو اسان جو هڪ هندو دوست، جو پارت ۾ مري ويو هو، تنهن پنهنجي رکُ سنڌوءَ ۾ لوڙهڻ لاءِ موڪلي هئي. منهنجو گهر سکر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي آهي، جڏهن ويساک ۾ پاڻي پنهنجي ڦوهہ ۾ ايندو آهي تہ مان پنهنجي گهر جي ڇت تي بيهي، چنڊ کي ڇولين جي ڏولين ۾ ڏسندو آهيان، مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ منهنجي ڪوتا سنڌوءَ جي اَمر سَرتِي آهي، ان ۾ بہ ساڳيون ڇوليون ۽ ڇوهہ آهي، ساڳيو پهچ ڪان پري چنڊ لاءِ پيار آهي... جڏهن رينوءَ بيئر جا چار پنج گلاس پيتا، تہ هن جون اکڙيون ڪيپ ۾ پرجي ويون ۽ هن جون آڱريون ڪنهن ڪٿڪليءَ جي نرت جي تلاش ۾ ڇُرڻ لڳيون....هن ٻانهون ڦهلايون ۽ هڪ تَنگ گوڏي وٽان مُوڙي مٿي ڪئي. 'رينو! مون من ۾ چيو مون توکي اڳ ڪٿي ڏٺو آهي. ڪٿي؟ ڪٿي؟ اها ٻانهن جي ٺونٺ، اها گوڏي جي ڍڪڻي! مون ڪٿي ڏٺي آهي؟ موهن جي دڙي ۾، ها موهن جي دڙي ۾!" (33).

شيخ اياز جي هنن خطن ۾، شاعريءَ جهڙو ساءُ، رَس ۽ چَس بہ آهي تہ، روح ۽ رنگ بہ. هر سِٽَ ائين ٿي لڳي، ڄڻ اياز پنهنجي سالن جي تجربي ۽ تفڪر جي مٽيءَ مان ڳوهي، پنهنجي پوري تخليقي بي ساختگيءَ سان، انهن جي جوت ۽ جوهر کي پنن تي پَرِٽيو آهي. خطن ۾ تشبيهن، ترڪيبن ۽ استعارن جا انگوري ڇُڳا جابجاءِ اهڙي نفاست ۽ نزاڪت سان ٽِڙيا پکڙيا پيا آهن، جو انهن جي سوم رس مان بار بار پئيندي بہ، من جي تانگهہ ۽ پياس پوري ئي نہ

ٿي ٿئي. تحرير ۾ منظرن ۽ عڪسن جي هڪ انوکي ڪائنات نظر اچي ٿي، جنهن جو هر نظارو اکين کي ترواٽ، سُرت کي تسڪين ۽ روح کي عجيب راحت بخشي ٿو.

شيخ اياز جي خطن جي هن ادبي خزاني مان سچ تہ سندس ذاتي زندگي جي تمام گهڻن پهلوئن سان گڏوگڏ ادبي شخصيت جو عڪس ۽ نقش پڻ نمايان ٿي سامهون اچي ٿو انهيءَ ڪري ئي لعل پُشپ پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو:"اياز جي مڪمل شخصيت هُن جي شعر کان وڌيڪ هنن خطن مان ظاهر آهي.انهن ۾ ڪويءَ جي اُڏام بہ آهي تہ فڪر ۽ گيان بہ آهي، تنهن ڪري انهن جو بنياد ايترو مضبوط آهي، جو وقت ان کي، گم ڪري ڇڏڻ جي شڪتي پيدا ڪري نہ سگهندو"(34).

مجموعي طرح شيخ اياز جي خطن جي هن سموري سرمايي جي اڀياس مان، اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ اياز جا هي خط سندس ذات ۽ زندگيءَ جي ڪيترن ئي اڻ ڇُتي ۽ غير واضح پهلوئن ۽ پاسن تي روشني وجهن ۽ انهن کي عيان ڪن ٿا. پر هُن جي بيش بها مطالعي، مشاهدي، تجربي، وجداني وارتائن، فڪري ۽ فني حُسناڪين کي پيش ڪرڻ کان علاوه علم، ادب ۽ تاريخ جو هڪ اَملهہ رڪارڊ پڻ آهن.اُن سان گڏوگڏ اياز جا هي خط، موهيندڙ ٻولي، متاثر ڪندڙ اسلوب ۽ فڪري گوناگونيت سان مالا مال اهڙو بي بها علمي، تخليقي ۽ ادبي خزانو آهن، جيڪو ڪڏهن بہ پئي پُراڻو نہ ٿو ٿي سگهي، پر پُراڻي'مَڌُ' جيان سدائين اُن جا سُرور پڙهندڙن کي نوان ڪيف ۽ قرار آڇن ٿا.

شيخ اياز جي هنن خطن مان نہ فقط عام پڙهندڙ لطف ۽ حِظُ ماڻي سگهي ٿو پر انهن جي فڪر، تخيل، تخليقي حُسناڪي ۽ طرزِ احساس مان عالم، محقق، شاعر،شاگرد، اديب ۽ ادب جا مشتاق پڻ گهڻو ڪجهہ ڄاڻي ۽ ماڻي سگهن ٿا.

## حوالا:


1. شيخ اياز "خط انٽرويو تقريرون - 1" نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص213.
2. محبوب، مهتاب، "چنڊ چهرا"، ڪويتا پبليڪيش، حيدرآباد، 2010ع، ص14.
3. ڪمار، شيام، "پاتم جهاتي جهان ۾"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 2015ع، ص136.
4. شيخ، اياز "نثر : 5، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص254
5. ايضا، ص255.
6. ايضا، 306
7. ايضا، 236
8. شيخ، نفيس احمد، ايڊيٽر: "مهراڻ - شيخ اياز نمبر"، ڇاپو - 3، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2005ع، ص467
9. شيخ اياز "ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر - 3"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد،1997ع، ص49، 145.
10. سنڌي مددعلي، "گونج بہ ڪائي ڪونج"، سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، 2017ع، ص100.
11. شيخ اياز "ساهيوال جيل جي ڊائري"، (مهاڳ: مهتاب محبوب)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس،

حيدرآباد، 1986ع، ص143.
12. ڪمار شيام، "پاتم جهاتي جهان ۾"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 2015ع، ص75.
13. شيخ، اياز " پنهل ڪان پوءِ" نيو فيلڊس، پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1990ع، ص79
14. شيخ اياز "ساهيوال جيل جي ڊائري"، (مهاڳ: مهتاب محبوب)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1986ع، ص4.
15. شيخ، اياز " پنهل ڪان پوءِ"، نيو فيلڊس، پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1990ع، ص84
16. سنائي، ناز مرتب: "شيخ اياز هڪ شاعر هڪ عاشق"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1998ع، ص9
17. ايضا، ص74
18. ايضا، 17
19. ايضا، 46
20. ايضا، 53
21. ايضا،19
22. ايضا، 57
23. يضا، 61
24. ڪمار شيام، "پاتم جهاتي جهان ۾"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 2015ع، ص190.
25. سنائي، ناز مرتب: "شيخ اياز هڪ شاعر هڪ عاشق"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1998ع، ص21
26. پرگڙي، مشتاق (چيف ايڊيٽر) "رم جهم 3"، پبليڪيشن دادو، سيپٽمبر، آڪٽوبر 1998ع، ص44.
27. سنائي، ناز مرتب: "شيخ اياز هڪ شاعر هڪ عاشق"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1998ع، ص51
28. شيخ ،اياز "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، ساهت سيا پبليڪيشن، الهاس نگر، 1987ع، ص12
29. ايضا، ص17
30. ايضا، ص24
31. ايضا، ص30
32. ايضا، ص54
33. ايضا، ص114، 116
34. پُشپ، لعل، (تبصرو)، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، سارنگا، جنوري، مئي، 2011ع، ص22.